# ذوقِ رمضان

# برقرار رکو!

**29-April-2022**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

29 اپريل، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ذوقِ رمضان برقرار رکو!

هن بيان اوهان ڇاٽي سگهندؤ

✿...جمعة الوداع جي بيان ۾ جان ڏئي ڇڏي

✿...باقي رهيل گهڙين کي غنيمت سمجهو...!

✿... نفسِ اَمّاره جي اصلاح جو طريقو

✿... شش عيد (عيد کان بعد) جي روزن جون فضيلتون

پيشڪش

مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيہ(اسلامک ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف
(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي صبح ۽ شام 10، 10 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو، ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شَفاعت ملندي.[1]

کہیں گے اور نبی اِذْهَبُوْا اِلٰی غَیْرِیْ | مرے حضور کے لب پر اَنَا لَهَا ہو گا[2]

**وضاحت:** قيامت جي ڏينهن جڏهن ماڻهو مختلف نبين سڳورن عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَام جي خِدمت ۾ شَفاعت جو سوال ڪٽي حاضِر ٿيندا ته سيئي نبي سڳورا هي فرمائيندا: اِذْهَبُوْا اِلٰی غَیْرِیْ يعني مون کان علاوه ڪنهن ٻئي وٽ وڃو! پر جڏهن ماڻهو بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيندا ته پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائيندا: اَنَا لَهَا، اَنَا لَهَا يعني هن ڪم (يعني شفاعت) جي لاءِ مان آهيان.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! — صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]… مجمع الزوائد، ڪتاب الاذڪار، جلد:10، صفحه:120، حديث:17022۔
[2]… ذوقِ نعت، صفحه:54۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت اَفضَل تَرين عَمل آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سٺي نيت انسان کي جنَّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ئي سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا! مثال طور نيت ڪريو! ۞ عِلم دين سکندس ۞ اَدَب سان ويهندس ۞ بيان جي دوران سُستي کان بچندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَلوداع اَلوداع ماهِ رمضان...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجهه ئي ڏينهن پهريان جي ڳالهه آهي، عاشقانِ رمضان انتظار ۾ هئا ته رمضان المبارڪ اچڻ وارو آهي ❖ رمضان المبارڪ جي تياري هلي رهي هئي ❖ ناهڻ وارا پنهنجو نيڪين ڀريو جَدوَل (شيڊيول) ناهي رهيا هئا ❖ رمضان المبارڪ ڪيئن گذارڻو آهي؟ ان جي لاءِ اڳوات هدف ٺاهيا پئي ويا ❖ عاشقانِ رمضان جون دِليون بيتاب هيون ❖ پوءِ الله پاڪ جي ڪرم سان، ان جي فضل سان هڪ ڏينهن آيو ❖ رُوح کي مهڪائڻ وارو هڪ آواز ڪنن ۾ گونجهيو: مبارڪ هجي....!! ماهِ رمضان جو چنڊ نظر اچي ويو آهي ❖ هي اِعلان ٻُڌندي ئي دِل خوشي سان مچلجي وئي ❖ مسجدن ۾ بهار اچي وئي ❖ تِلاوت جا شوقين تِلاوتِ قرآن ۾ مَصرُوف ٿي ويا ❖ سحري ۽ افطاري جون رونقون هيون ❖ ڏسندي ئي ڏسندي رحمت ڀريو عشرو پنهنجون برڪتون عام ڪندي موتي هليو ويو ❖ پوءِ عشرهء مغفرت شروع ٿيو ❖ خوش نصيبن کي رَبِّ رحمٰن و رحيم جي بارگاهه مان بخشش جي خيرات ملي ❖ رمضان المبارڪ

---

[1]... جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284۔

جي قدر دانن عشرهء مغفرت جون برڪتون حاصِل ڪيون ❖ پوءِ جلد ئي عشرهء مغفرت بہ رُخصت ٿيو ❖ هن سان گڏ ئي جهنّم کان آزادي جو عشرو اچي ويو ❖ اعتڪاف ڪرڻ وارا جُوق دَر جُوق مسجدن جي طرف وڌي ويا ❖ اعتڪاف جون رونقون نظر اچڻ لڳيون ❖ افسوس! هاڻي رمضان جو هي آخري عشرو بہ پنهنجي پڄاڻي ڏانهن وڌي رهيو آهي، افسوس! صد افسوس! عنقريب، بس ڪجهہ ئي ڏينهن بعد رمضان جو مبارڪ مهينو اسان کان موڪلائي ويندو.

آہ! رمضان اب جا رہا ہے | ہائے تڑپا کے رمضاں چلا ہے
ٹکڑے ٹکڑے مرا دِل ہوا ہے | ہائے تڑپا کے رمضاں چلا ہے
دیکھ کر چاند میں رو پڑا تھا | سامنے ہجر کا غم کھڑا تھا
جلد رخصت کا وقت آ گیا ہے | ہائے تڑپا کے رمضاں چلا ہے
اشک آنکھوں سے اب بہِ رہے ہیں | ہجر کا غم جو ہم سہ رہے ہیں
وہ دِلِ غمزدہ جانتا ہے | ہائے تڑپا کے رمضاں چلا ہے
کر کے تقسیم بخشش کی اَسناد | آہ! رنجیدہ دِل کر کے تُو شاد
سب کو روتا ہوا چھوڑتا ہے | ہائے تڑپا کے رمضاں چلا ہے [(1)]

## جمعة الوداع جي بيان ۾ جان ڏئي ڇڏي

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان ماهِ رَمَضان جي جُمُعَةُ الوَداع جي ڏينهن حضرتِ منصور بن عَمَّار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي محفل ۾ حاضر ٿيس. پاڻ رَمضان شريف جي روزن جي فضيلت، راتين جي عبادت ۽ خلوص سان عبادت ڪرڻ وارن جي لاءِ جيڪو اَجر رکيو ويو آهي ان جي باري ۾ بيان فرمائي رهيا هئا، ايئن لڳي رهيو هو تہ ڄڻ سندن بيان جي اثر سان سخت پٿرن مان باهہ ظاهر ٿي رهي آهي پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي محفل ۾ نہ ڪنهن ڇُرپُر ڪئي، نہ ئي ڪنهن پنهنجي گناهن

---

[1]... وسائل بخشش، صفحہ:683۔

تي شرمساري جو اظهار ڪيو، جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه محفل جي هي حالت ڏٺي تہ فرمايائون: اي انسانو! ڇا پنهنجي عيبن تي آگاهہ ٿي ڪو روئڻ وارو نہ آهي؟ ❖ ڇا هي توبہ ۽ استغفار جو مهينو نہ آهي؟ ❖ ڇا هي عَفو ۽ مَغفِرت وارو (يعني معافي ملڻ ۽ بخشجڻ جو) مهينو نہ آهي؟ ❖ ڇا هن مبارَڪ مهيني ۾ جنّت جا دروازا ناهن کوليا ويندا؟ ❖ ڇا هن مهيني ۾ جهنّم جا دروازا بند ناهن ڪيا ويندا؟ ❖ ڇا هن مهيني ۾ شيطان کي قيد ناهي ڪيو ويندو؟ ❖ ڇا هن ماهِ صيام ۾ انعام و اڪرام جون بارِشون ناهن ٿينديون؟ ❖ ڇا هن برڪت ڀري مهيني ۾ الله پاڪ تجلي ناهي فرمائيندو؟ ❖ ڇا هن مبارَڪ مهيني ۾ هر رات اِفطار مهل 10 لک گنهگار جهنّم مان آزاد ناهن ڪيا ويندا؟ توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو هن عظيم ثواب مان پاڻ کي محروم رکو ٿا ۽ لباسِ مخالفت ۾ وڏائي ڏيکاريو ٿا (مطلب هي تہ عمل نٿا ڪريو ۽ گناهن ۾ مصروف رهو ٿا). ارشادِ ربّاني آهي:

اَفَسِحۡرٌ هٰذَاۤ اَمۡ اَنۡتُمۡ لَا تُبۡصِرُوۡنَ ﴿۱۵﴾

(پاره:27، سورهٔ طُور: 15)

**ترجَمو ڪنز الايمان:** پوءِ ڇا هي جادو آهي يا توهان کي ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي.

(ان کان بعد پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو:) سيئي خداءِ غفّار جي دربار ۾ حاضر ٿي توبہ ۽ اِستِغفار ڪيو! سندن هي اَثرائتو بيان ٻڌي تمام حاضرين بلند آواز سان گريہ و زاري ڪرڻ ۽ روئڻ لڳا، ايتري ۾ هڪ نوجوان روئيندي اٿي بينو ۽ عرض ڪيائين: ياسيدي! (يعني اي منهنجا آقا!) ارشاد فرمايو! ڇا منهنجا روزا مقبول آهن؟ ڇا منهنجو (رمضان جي) راتين ۾ عبادت ڪرڻ کي مقبول عبادت گذارن سان گڏ لکيو ويندو؟ جڏهن تہ مون کان ڪوڙ سارا گناهہ ٿيا آهن، مون پنهنجي سڄي ڄمار نافرمانين ۾ برباد ڪئي آهي، افسوس! مان عذاب جي ڏينهن کان غافل رهيس، حضرت منصور بن عمّار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: اي پُٽ! الله

پاڪ جي بارگاھ ۾ توبہ ڪر، ڇو تہ رب پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمايو آھي:

| | |
|---|---|
| وَاِنِّیْ لَغَفَّارٌ لِّمَنْ تَابَ (پاره: 16، سورۃ طٰهٰ: 82) | **ترجمو ڪنز الايمان: ۽ بيشڪ مان گھڻو بخشڻ وارو آھيان ان کي جنھن توبہ ڪئي** |

پوءِ حضرت منصور بن عمّار رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہِ قاري کي ھي آيت پڙھڻ جو حڪم ڏنو:

| | |
|---|---|
| وَهُوَ الَّذِیْ یَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَیَعْفُوْا عَنِ السَّیِّاٰتِ (پاره:25، سورۃ شُوري:25) | **ترجمو ڪنز الايمان: ۽ اھوئي آھي جيڪو پنھنجي ٻانھن جي توبہ قبول فرمائي ٿو ۽ گناھن کان درگذر فرمائي ٿو.** |

ان نوجوان ھي آيت سڳوري ٻڌي ھڪ زور دار رڙ ڪئي ۽ چيو: منھنجي خوش نصيبي آھي جو الله پاڪ جو اِحسان مون تائين پھچندو رھيو پر ھن جي باوجود مان نافرمانين ۾ اضافو ڪندو رھيس ۽ غلط راھ کان نہ مُڙيس. ڇا گذريل وقت جي جڳھ ڪو ٻيو وقت ھوندو جنھن ۾ اللہ پاڪ درگذر فرمائيندو؟ پوءِ اُن ٻيھر زوردار رڙ ڪئي ۽ ان جو رُوح خاڪي جسم مان جُدا ٿي ويو (يعني اھو نوجوان فوت ٿي ويو).

علّامہ حَرِيْفِيش رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہِ ھي رِقّت انگيز حڪايت لکڻ کان بعد فرمائن ٿا: منھنجا ڀائرو! رمضان جي جُدائي تي ڇو نہ روئجي..!! عَفو ۽ مغفرت جو ھي مبارڪ مھينو موڪلائي رھيو آھي، ان تي ڇو نہ افسوس ڪيو وڃي! ھن مھيني جي جُدائي تي ڇو نہ غم ڪيو وڃي جو ان ۾ گنھگارن کي جھنّم کان آزادي نصيب ٿيندي آھي![1]

| | |
|---|---|
| کر رہے ہیں تجھ کو رو رو کر مسلماں اَلوداع | آہ! اب تُو چند گھڑیوں کا فقط مہمان ہے |
| واسطہ رمضان کا یارب! ہمیں تُو بخش دے | نیکیوں کا اپنے پلے کچھ نہیں سامان ہے[2] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]... الروض الفائق ، صفحہ:45۔
[2]... وسائل بخشش، صفحہ:704 ملتقطاً۔

## باقي رهيل گهڙين کي غنيمت سمجهو...!

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ اسان کي بہ رمضان جي محبّت ۾ هن جو غم نصيب فرمائي. رمضان المبارڪ جا اجا ڪجھ ڏينهن باقي آهن، افسوس! هي مبارڪ گهڙيون جلد ئي ختم ٿي وينديون، رمضان اسان کي داغِ مُفارقت (يعني جُدائي جو غم) ڏئي موڪلائي ويندو، ان ڪري هنن مبارڪ گهڙين کي غنيمت سمجهندي خوب تَوبہ ۽ استغفار ڪريون، جيترو وڌيڪ ٿي سگهي نيڪيون ڪري وٺون جو زندگي ۾ ٻيهر رمضان نصيب ٿيندو بہ الائي نہ، هن جي اسان وٽ ڪا گارنٽي نہ آهي.

الٰہی رہ گئے رمضاں کے آخری روزے | رہائی نارِ جہنّم سے ہو عطا یاربّ!
اِلٰہی رہ گئیں رمضاں کی آخری گھڑیاں | کرم سے بخش بھی دے ہم کو یاخدا، یاربّ! (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شُڪرگُذار پٿر

امام ابو القاسِم قُشَيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: الله پاڪ جا هڪ نبي عَلَيْهِ السَّلَام ڪٿان ڪان لنگهي رهيا هئا، پاڻ رستي ۾ هڪ ننڍڙو پٿر ڏٺائون، ان مان لڳاتار پاڻي نڪري رهيو هو، وڏي جبل مان چشمو جاري ٿيڻ عام ڳالھ آهي پر ننڍڙي پٿر مان پاڻي نڪرڻ ۽ مسلسل نڪرندو رهڻ هي حيران ڪندڙ ڳالھ آهي، الله پاڪ جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام کي پٿر مان پاڻي نڪرندو ڏسي تعجب ٿيو تہ الله پاڪ ان پٿر کي ڳالهائڻ جي طاقت عطا فرمائي، پٿر عرض ڪيو: اي الله پاڪ جا نبي عَلَيْهِ السَّلَام! جڏهن ڪان مون کي خبر پئي آهي تہ جهنّم جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن، ان وقت ڪان مان خوفِ خُدا جي سبب روئي رهيو آهيان، اوهان جيڪو پاڻي مون مان نڪرندو ڏسي رهيا آهيو، هي پاڻي نہ آهي بلڪ منهنجا لڙڪ آهن. پٿر جي اها درد ڀري ڳالھ ٻُڌي الله پاڪ جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام کي رحم آيو، پاڻ هٿ کڻي

[1]... وسائل فردوس، صفحہ:28

الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دُعا گهريائون: يا الله پاڪ! هن پٽر کي جهنّم جي باهه کان محفوظ فرماءِ. الله پاڪ سندن دُعا قبول فرمائي ۽ يڪدم ئي وحي موڪلي تہ اسان هن پٽر کي جهنّم جي باهه کان آزاد ڪري ڇڏيو. الله پاڪ جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام پٽر کي اها خوشخبري ٻُڌائي ۽ پوءِ اڳتي تشريف کڻي ويا، جڏهن واپس موٽيا تہ ڏٺائون پٽر مان اڃا بہ پاڻي نڪري رهيو آهي، الله پاڪ جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام پڇيو: تو کي جهنّم کان آزادي جي خوشخبري مِلي چڪي آهي، هاڻي ڇا معاملو آهي؟ هاڻي ڇو روئي رهيا آهيو؟ پٽر عرض ڪيو: ذٰلِكَ كَانَ بُكَاءَ الْخَوْفِ وَ هٰذَا بُكَاءَ الشُّكْرِ يعني پهريان خوفِ خُدا سبب لڙڪ وهي رهيا هئا، هاڻي شڪراڻي طور لڙڪ وهائي رهيو آهيان.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان اسان کي بہ رمضان ڪريم نصيب ٿيو، جيتوڻيڪ اسان مان ڪو بہ حتمي ۽ يقيني طور تي نٿو چئي سگهي تہ منهنجي بخشش ٿي وئي آهي، البت اسان کي مغفرت جو تمام وڏو ذريعو نصيب ٿيو آهي ❖ رمضان جي هر هر گهڙي برڪت ڀري آهي ❖ رمضان المبارڪ ۾ روزانو افطار جي وقت 10 لک اهڙن گنهگارن جي بخشش ٿيندي آهي، جن تي جهنّم واجب ٿي چڪي هوندي آهي ❖ ۽ جمعي جي ڏينهن تہ هر هر گهڙي ۾ 10، 10 لک ماڻهن کي بخشيو ويندو آهي. ڪاش! اسان جو بہ ان بخشجي ويلن ۾ شُمار ٿئي.

خير! الله پاڪ اسان کي بخشش ۽ مغفرت جو اهڙو ذريعو عطا فرمايو، اسان تي لازم آهي تہ زبان سان بہ ان جو شڪر ادا ڪريون ۽ گڏوگڏ عملي طور تي بہ شڪر جي ادائيگي جي لاءِ گُناهن کان بچون، رمضان هاڻي ڪجهه ڏينهن جو مهمان آهي، جلد ئي رخصت ٿي ويندو، اَصل رمضان جو شڪر هي آهي تہ اسان رمضان کان بعد بہ ذوقِ رمضان برقرار رکون ۽ گُناهن کان بچي نيڪين ڀري زندگي گذاريون. الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]... رساله قشيريہ، ڪتاب الشڪر، صفحہ:213.

## شُکر چا کي چئبو آهي

امامُ الطَّائِفہ (يعني اوليائن جي امام) حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي عمر مبارڪ 7 سال هئي، پاڻ حضرت سِرّي سقطي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي خِدمت ۾ رهندا هئا، هڪ ڏينهن حضرت سِرّي سقطي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تشريف فرما هئا، ٻيا ماڻهو بہ حاضِر هئا، شُڪر جي حوالي ِسان ڳالهہ نڪتي تہ حضرت سِرّي سقطي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي فرمايو: پٽ! توهان ٻڌايو! ِشُڪر چا آهي؟حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ عرض ڪيو: اَنْ لَّا تَعْصِيَ اللّٰهَ بِنِعْمَتِهٖ يعني نعمت جي بدلي ۾ الله پاڪ جي نافرماني نہ ڪرڻ، هي شُڪر آهي.[(1)]

خبر پئي تہ اَصل شُڪر تہ هي آهي جو انسان کي نعمت ملي تہ گُناهن ۾ مَصرُوف ٿيڻ بدران، الله پاڪ جو فرمانبردار بڻجي. الله پاڪ اسان کي رمضان جي نعمتن تي خوب خوب شُڪر ادا ڪرڻ، رمضان کان بعد بہ ذوقِ رمضان برقرار رکڻ ۽ نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| ماہِ رمضاں کا غم عطا فرما | یاخُدا! چشمِ نَم عطا فرما |
| ماہِ رمضاں کے عشق میں رونا | دو جہاں کے لئے سعادت ہے |

## نيڪ ماڻهن جي هڪ دُعا

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ عقلمند ۽ نيڪ ماڻهن جي هڪ دُعا ذِڪر فرمائي آهي، ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ هَدَيْتَنَا وَ هَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ | ترجَمو ڪنز الايمان: اي اسان جا رب! اسان جي دلين کي ٽيڙو نہ ڪر هن کان بعد جو تو اسان کي هدايت عطا ڪئي ۽ اسان کي پاڻ |

[1]... رسالہ قشيريہ، كتاب الشكر، صفحہ:212۔

رَحۡمَةً ۚ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡوَهَّابُ ﴿۸﴾ (پاره:3، سورهٔ آلِ عمران:8)

وٽان رحمت عطا فرماءِ. بيشڪ تون وڏو عطا فرمائڻ وارو آهين.

الحمد للہ! رمضان جي مهيني ۾ دِل هدايت يافتہ ٿين ٿا ❖ نمازين جو تعداد وڌي ٿو ❖ تلاوت ڪرڻ وارن جي تعداد ۾ اِضافو ٿئي ٿو ❖ تراويح ❖ اعتڪاف ❖ صدقو ❖ خيرات ❖ مسلمانن جي خير خواهي وغيره ڪيئي طرح جي نيڪين ۾ ويتر اِضافو ٿي ٿيندو آهي، يقيناً هي هدايت ئي آهي، هاڻي اسان کي گهرجي تہ اسان بہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دُعا گهرون ۽ وقت بوقت دِل جمعي سان هي دُعائون گهرندا ئي رهون تہ يا الله پاڪ! رمضان ۾ هدايت جو نُور نصيب ٿئي، نيڪين جو جذبو وڌاءِ، نمازن جي توفيق ملي، اي اسان جا پيارا الله پاڪ! اسان تي ڪرم فرماءِ، جيڪي خطائون ڏوهہ ٿيا آهن، ڄاڻي واڻي يا اڻ ڄاڻائي ۾ اهي معاف فرماءِ ۽ رمضان ۾ جن عبادتن جو شوق وڌيو، انهن ۾ مزيد ترقي ۽ استقامت نصيب فرماءِ.

الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دُعائون گهرندا رهنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪرِيم! ڪرم ٿيندو، نيڪين تي استقامت بہ مِلي ئي ويندي.

## رمضان ڪريم جو هڪ مقصد: نفسِ اَمّاره جي اِصلاح

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ رمضان المبارڪ جا روزا فرض ڇو ڪيا، عالم سڀُورا هن جون ڪوڙ ساريون حڪمتون لڪيون آهن، انهن مان هڪ حڪمت هي آهي تہ روزو رکڻ جي برڪت سان نفسِ اَمّاره جي اِصلاح ٿئي ٿي ۽ تقويٰ جي دولت ملي ٿي.

اسان جا بہ وڏا دُشمن آهن: (1): شيطان (2): نفسِ اَمّاره. رمضان ۾ شيطان کي تہ قيد ڪيو ويندو آهي، باقي رهيو نَفسِ اَمّاره تہ هن جو زور ٽوڙڻ جي لاءِ اسان روزو رکندا آهيون، بُک لڳندي آهي، اُڃ لڳندي آهي، ان جي باوُجُود اسان کائيندا پيئندا ناهيون، صبح سحري کان وٺي افطار تائين نفسِ اَمّاره جي خواهشن کان رُڪيل رهندا آهيون، هن سان نفسِ اَمّاره جو زور ٽٽندو آهي ۽ هن جي اِصلاح

ٿيندي آهي.

خبر پئي رمضان المبارڪ جي مقصدن مان هڪ اهم مقصد نفسِ اَمَّاره جي اِصلاح آهي، لهٰذا ذوقِ رمضان برقرار رکڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ اسان رمضان ڪريم کان بعد بہ نفسِ اَمَّاره جي اِصلاح تي توجهہ ڏيون.

## نفسِ اَمَّاره جي اِصلاح جو طريقو

حضرت شيخ فريد الدّين عطار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: نفس کي قابُو ۾ ڪرڻ جي لاءِ ٽن هٿيارن جي ضَرورت آهي: (1): خنجرِ خاموشي (2): شمشيرِ جُو (يعني بُک جي تلوار) (3): نيزهء تنهائي ۽ ترڪِ هجوم. هي ٽي هٿيار هجن تہ نفسِ اَمَّاره کي قابو ۾ ڪري ان جي اصلاح ڪري سگهجي ٿي.[1]

اي عاشقانِ رسول! جيڪڏهن اسان باقي 11 مهينن ۾ بہ ذوقِ رمضان برقرار رکڻ چاهيو ٿا تہ هي ٽي ڪم مستقل طور تي اپنائي وٺو. نمبر1 : خنجرِ خاموشي.

## خاموشي جون فضيلتون

اسان جي آقا ۽ موليٰ، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص اللّٰہ پاڪ ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو، ان کي گهرجي تہ سٺو ڳالهائي يا خاموش رهي.[2]

حضرت اَسوَد رَضِيَ اللهُ عَنۡه صحابيء رسول آهن، پاڻ فرمائن ٿا: مون اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عَرض ڪيو: يا رسولَ اللّٰہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم! مون کي نصيحت فرمايو! رحمت عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا توهان پنهنجي زبان تي قابُو رکي سگهو ٿا؟ مون عرض ڪيو: جيڪڏهن مان پنهنجي زبان تي بہ قابُو نہ رکي سگهان تہ ڪهڙي شيء تي قابُو رکي سگهندس؟ سردارِ انبياء، محبوبِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا توهان

---

[1]... پند نامہ عطار، صفحہ:25۔

[2]... بخاري، ڪتاب الرقائق، باب حفظ اللسان، صفحہ: 1592، حديث: 6475۔

پنهنجي هٿن تي قابُو رکي سگهو ٿا؟ مون ٻيهر عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن مان پنهنجا هٿ ٻه قابُو ۾ نه رکي سگهان ته ڪهڙي شيءِ تي قابُو رکي سگهندس. هاشي آقاءِ نامدار، مڪي مدني تاجدا ر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بس پوءِ پنهنجي زبان مان هميشه چڱي ڳالهه ئي چئو ۽ توهان جا هٿ ڀلائي ڪان عِلاوه ڪنهن ٻئي ڪم ڏانهن نه اُٿن.[1]

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: رحمت عالم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ٻانهي جو ايمان درست ناهي هوندو، جيستائين ان جي دِل درست نه هجي ۽ ٻانهي جي دِل درست نٿي ٿي سگهي، جيستائين ان جي زبان درست نه ٿي وڃي.[2]

## زبان زهريلي نانگ جيان آهي

ڪُل تقريباً 18 هزار عالَم (يعني جهان) آهن، خواب به هڪ جهان آهي، جنهن کي عالَمِ رُؤيا چيو ويندو آهي. عالَمِ رؤيا (يعني خواب) ۾ اسان جي زبان مان نڪرڻ واري لفظن کي نانگ جي صُورت ۾ ڏيکاريو ويندو آهي. عِلمِ تعبير جا تمام وڏا امام آهن: امام اِبْنِ سيرين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه. پاڻ فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪو شخص خواب ۾ ڏسي ته ان جي واتان نانگ نڪتو آهي ته ان جي تعبير هي آهي ته ان شخص جي زبان مان اهڙو لفظ نڪرندو، جيڪو ان جي لاءِ وبالِ جان بڻجي ويندو.[3]

اللہ! اللہ! اي عاشقانِ رسول! اندازو ڪريو! نانگ زهريلو جانور آهي، اهڙي طرح اسان جي زبان به خطرناڪ ترين عُضوو آهي، زبان کي 32 ڏندن جي نگراني ۾ رکيو ويو آهي، ان جي باوُجُود هي قابو ۾ ناهي ايندي، جڏهن هي زهر ڪيندي آهي ته صِرف جان ئي کي نه بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ايمان کي به سخت نقصان پهچائيندي آهي.

---

1 … معجم ڪبير ،جلد:1، صفحه:218، حديث:816۔

2 … مسند امام احمد، مسند انس بن مالك، جلد: 5، صفحه: 432، حديث: 12897۔

3 … تعبير الرؤيا (مترجم)، صفحه: 414۔

## هڪ غَلَط لَفظ جو نقصان

اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: انسان (نيڪيون ڪندي) جنّت جي ويجهو ٿيندو ويندو آهي، ٿيندو ويندو آهي، ايستائين جو ان جي ۽ جنّت جي وچ ۾ هڪ گز جو فاصلو رهجي ويندو آهي، پوءِ اُهو شخص پنهنجي زبان مان هڪ اهڙو لفظ ڪيندو آهي، جنهن جي سبب ان کي جنّت کان پري ڪيو ويندو آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! زبان ڪيتري خطرناڪ شيءِ آهي. الله پاڪ اسان کي زبان جي حفاظت نصيب فرمائي. نفسِ اَمّاره جي اِصلاح جي لاءِ پهريون هٿيار جيڪو ضروري آهي: اهو خنجرِ خاموشي آهي. خاموشي اختيار ڪريو، زبان جو درست استعمال ڪريو، ڳالهائڻ کان پهريان سوچڻ جي عادَت بڻايو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! نفسِ اَمّاره جي اِصلاح ٿيندي ۽ ذوقِ رمضان برقرار رهندو.

## بُک جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! نفسِ اَمّاره جي اِصْلاح جي لاءِ ٻيو هٿيار آهي: شمشيرِ جُو (يعني بُک جي تلوار). امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اَلْجُوْعُ رَاْسُ مَالِنَا يعني بک اسان جو سرمايو آهي. مطلب هي آهي ته اولياءِ ڪرام کي جيڪا وُسعت، سلامتي، عبادت ۾ لذت ۽ عِلمِ نافع حاصِل ٿيندو آهي، هي سڀ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بُک برداشت ڪرڻ جي سبب ئي حاصِل ٿيندو آهي،[2] بک الله پاڪ جي خزانن مان هڪ خزانو آهي، جيڪو الله پاڪ صرف پنهنجي پسنديده ٻانهن کي ئي عطا ڪندو آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! جيئن اسان رمضان المبارڪ ۾ روزو رکي سڄي ڏينهن

---

[1]... مسند امام احمد، مسند الانصار، جلد: 9، صفحه: 469، حديث: 23843ـ

[2]... منہاج العابدين، صفحه:229ـ

[3]... احياء العلوم، جلد:3، صفحه:107ـ

بک اُج برداشت ڪريون ٿا، ذوقِ رمضان برقرار رکڻ جي لاءِ رمضان کان بعد بہ بُک اُج برداشت ڪريون، اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْڪرِيم! نفسِ اَمَّاره جو زور ٽٽندو ۽ تقويٰ نصيب ٿيندو.

## نفلي روزن جون فضيلتون ۽ فائدا

بُک جون برڪتون حاصِل ڪرڻ جو بهترين انداز روزو آهي. ڪوشش ڪري رمضان کان بعد بہ نفلي روزن جو سلسلو رکيو وڃي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْڪرِيم! سڄو سال ذوقِ رمضان برقرار رهندو.

## نفلي روزن جون 2 فضيلتون

(1): جنهن رِضاءِ الٰهي جي لاءِ هڪ ڏينهن جو نفلي روزو رکيو تہ اللّٰہ پاڪ ان جي ۽ دوزخ جي وچ ۾ هڪ تيز رفتار سوار جي 50 سالہ مُسافت (يعني فاصلي) تائين دوري رکندو.[1] (2): حضرتِ ابو اُمامہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: مون عرض ڪيو: يا رَسُولَ اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي اهڙو عمل ٻڌايو جنهن جي سبب جنت ۾ داخل ٿي وڃان. فرمايائون: روزن کي پاڻ تي لازم ڪريو ڇوتہ هن جي مثل ڪو ٻيو عمل نہ آهي. راوي چون ٿا: حضرتِ ابو اُمامہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي گهر ڏينهن جي وَقت مهمان جي آمد کان علاوه ڪڏهن دُونهون نہ ڏٺو ويو (يعني پاڻ ڏينهن جو کاڌو کائيندا ئي نہ هئا، بلڪ روزو رکندا هئا).[2]

## ڇهہ عيد جي روزن جون 3 فضيلتون

## ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيل ٻارڙي جيان گناهن کان پاڪ

(1): جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ ڇهہ ڏينهن شوال ۾ رکيا تہ گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.[3]

---

[1]... كنز العمال، كتاب الصوم، باب الثانی فی صوم النفل، جزء :8، جلد:4، صفحہ:255، حديث:24149۔

[2]... صحيح ابن حبان، جلد:5، صفحہ:179، حديث:3416۔

[3]... مجمع الزوائد، كتاب الزكاة، باب فيمن صام رمضان، جلد:3، صفحہ:425، حديث:5102۔

## چڻ سڄي عمر جو روزو رکيائين

(2): جنهن رمضان جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ ڇهه شوال ۾ رکيائين. تہ ائين آهي جيئن دهر (يعني سڄي عمر جو) روز رکيو.[1]

## سڄي سال جا روزا رکيا

(3): جنهن عيد الفطر کان پوءِ (شوال ۾) ڇهه روزا رکي ڇڏيا تہ ان سڄي سال جا روزا رکيا. ڇو جو جيڪو هڪ نيڪي آڻيندو ان کي ڏهہ ملنديون، تہ رمضان جو روزو 10 مهينن جي برابر آهي ۽ انهن 6 ڏينهن جي بدلي ۾ 2 مهينا تہ پوري سال جا روزا ٿي ويا.[2]

## ڇهہ عيد جا روزا ڪڏهن رکيا وڃن؟

پيارا اسلامي ڀائرو! بهتر هي آهي تہ هي روزا جدا جدا رکيا وڃن ۽ عيد کان بعد لڳاتار 6 ڏينهن رکي ورتا تڏهن بہ حرج نہ آهي.[3]

خليلِ ملّت حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد خليل خان قادِري برڪاتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تڏهن بہ حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي تہ متفرق (يعني وقفو ڪري) رکيا وڃن يعني هر هفتي ۾ ٻہ روزا ۽ عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکي وٺي ۽ پوري مهيني ۾ رکي تہ اجان بہ مناسب معلوم ٿئي ٿو.[4] مطلب تہ **عيد الفطر** جو ڏينهن ڇڏي سڄي مهيني ۾ جڏهن چاهيو ڇهہ عيد جا روزا رکي سگهو ٿا.[5]

## قرآن سمجهڻ جي ڪوشش جاري رکو!

سيپاري 2، سورهِ بقره، آيت: 185 ۾ ارشاد آهي:

---

[1]… مسلم، کتاب الصيام، باب استحباب صوم ستة ايام…الخ، صفحه:424، حديث:1164۔

[2]… سننُ الكبرىٰ للنسائی، جلد:3، صفحہ:239، حديث:2873 و 2874۔

[3]… رد المحتار، کتاب الصوم، مطلب:فی صوم الستّ من شوال، جلد:3، صفحہ:485۔

[4]… سنی بہشتی زیور، صفحہ:347۔

[5]… فيضان رمضان، صفحه:371 بتغيّر قليل ۔

| | |
|---|---|
| شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِیْۤ اُنْزِلَ فِیْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَ بَیِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَ الْفُرْقَانِۚ (پاره:2، سورۀ بقره:185) | **ترجَمو ڪنز الايمان: رمضان جو مهينو آهي جنهن ۾ قرآن نازل ڪيو ويو جيڪو ماڻهن جي لاءِ هدايت ۽ رهنمائي آهي ۽ فيصلي جي روشن ڳالهين (تي مشتمل آهي)** |

عالم سڳورا فرمائن ٿا: هن آيت سڳوري ۾ رمضان المبارڪ جا روزا فرض هئڻ جي حڪمت کي بيان ڪيو ويو آهي، اها حڪمت هي آهي، رمضان اهو مهينو آهي، جنهن ۾ قرآنِ ڪريم نازِل ڪيو ويو. هاڻي الله پاڪ انهيءَ مبارڪ مهيني جا روزا فرض فرمايا آهن! ان ڪري روزا رکڻ، بُک اُڃ برداشت ڪرڻ جي برڪت سان عقل تيز ٿئي ٿو، لهٰذا نزولِ قرآن جي مهيني ۾ روزا فرض ڪيا ويا تہ جيئن ماڻهو روزا رکن، ان جي سمجهڻ جي قُوَّت مضبوط ٿئي ۽ هن جي برڪت سان قرآن سمجهڻ آسان ٿي وڃي.

پيارا اسلامي ڀائرو! خبر پئي رمضان المبارڪ جو هڪ وڏو مقصد قرآنِ ڪريم سان وابستگي اپنائڻ، قرآنِ مجيد کي پڙهڻ، هن کي سمجهڻ جي خوب ڪوشش ڪرڻ بہ آهي. ان ڪري جيڪڏهن اسان ذوقِ رمضان برقرار رکڻ چاهيون ٿا تہ اسان تي لازم آهي تہ اسان رمضان کان بعد بہ قرآنِ ڪريم کي پڙهون، هن کي سمجهون ۽ هن سان پنهنجو تعلق مضبوط رکون. جيڪڏهن اسان رمضان المبارڪ کان بعد بہ هن سان پنهنجو تعلق مضبوط رکڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين تہ الله پاڪ جي فضل و ڪرم سان اُمّيد آهي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪريم! ذوقِ رمضان بہ برقرار رهندو، نيڪين جي توفيق بہ ملندي رهندي، دِل بہ روشن ٿيندي ۽ نفسِ اَمّاره جي اِصلاح جو سامان بہ ٿيندو رهندو. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

اي عاشقانِ رسول! دعوتِ اسلامي جي تحت ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ ۾ هلڻ وارن جامعاتُ المدينہ مان ڪنهن بہ قريبي جامعة المدينہ ۾ داخِلو وٺو. هينئر

رمضان المبارڪ کان بعد اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪرِيم! دَرسِ نظامي جا نوان ڪلاس شروع ٿيندا، جامعاتُ المدينہ جا دَاخلا جاري آهن، همت ڪريو، جامعة المدينہ ۾ داخلو وٺو، دَرسِ نظامي يعني عالِم ڪورس ڪريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪرِيم! قرآنِ مجيد سمجهڻ بہ اچي ويندو، هن سان گڏوگڏ بخاري شريف، مسلم شريف، فتاوٰي شامي، احياء العلوم، فتاويٰ رضويہ شريف وغيره عِلمِ دين جا وڏا وڏا ڪتاب نہ صِرف پڙهڻ وارا بڻجي ويندا بلڪ بين ڪي سيکارڻ وارا بہ بڻجي ويندا ۞ دَرس نِظامي يعني عالِم ڪورس 8 سال جو ڪورس آهي، جيڪڏهن اوهان ايترو وقت نٿا ڏئي سگهو، مصروفيت آهن، گهريلو مسئلا آهن تہ ڪا ڳالھ نہ آهي، آن لائِن جامعة المدينہ ۾ داخِلو وٺو، گهر ويهي ئي دَرسِ نظامي ڪريو. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## صراط الجنان پڑهڻ ۾ ايپلي ڪيشن جي استعمال جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول! اڄڪلھ ٽيڪنالوجي جو دور آهي، تقريباً هر هڪ وٽ اينڊرائڊ يا آئي فون موبائل هوندي ئي آهي، الحمد للّٰه! دعوتِ اسلامي اسان کي موبائل جي ذريعي بہ عِلمِ دين سکڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. مثال طور دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ جي طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جارِي ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: Quran with Tafseer (القرآن مع تفسير). اها ايپلي ڪيشن Android ۽ IOS بنهي طرح جي ڊيوائسز تان ڊاؤن لوڊ ڪري آساني سان استعمال ڪري سگهجي ٿي، هن ايپلي ڪيشن ۾ ❖ مڪمل قرآنِ ڪريم ❖ اعليٰ حضرت، آقاءِ نعمت، اِمامِ اهلسنت، شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو لکيل ترجمو ڪنز الايمان ❖ دورِ جديد جي تقاضائن جي مطابق نهايت آسان ترجمو، ترجمو ڪنز العرفان ۽ ❖ آسان انداز ۾ لکيل،

اُردُو جي سڀ کان جديد (Latest) تفسير تفسيرِ صراط الجنان شامل آهي. اوهان ڪٿي بہ هجو، هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان قرآنِ ڪريم ترجمي ۽ تفسير سان پڙهي آساني سان سمجهي بہ سگهون ٿا ۽ گڏوگڏ قرآني آيتن ڪي، ترجمي ۽ تفسير کي واٽس ايپ، فيس بُڪ وغيره تي پنهنجي دوستن سان شيئر بہ ڪري سگهو ٿا. پهرين فرصت ۾ ئي اها ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، عِلمِ دين سکو ۽ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ڪمايو.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

اي عاشقانِ رسول! نيڪ بڻجڻ، گُناهن کان بچڻ ۽ ان ذريعي الله پاڪ جي محبت ماڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي لاءِ عاشقان رسول سان مدني قافلن ۾ سَفر ڪرڻ جو معمول بڻايو، هن جي برڪت سان اِنْ شَآءَ الله الْڪرِيم! عاشقانِ رسول جي صحبت ملندي، عِلمِ دين سکڻ نصيب ٿيندو، نيڪيون ڪرڻ، گُناهن کان بچڻ جو ذِهن بڻجندو ۽ سڀ کان اَهم ڳالهه هي آهي جو سُنَّتِ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام يعني نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيندو.

## گُنَاهن کان ڇوٽڪارو ملي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان گُناهن جي دلدل ۾ ڦاٿل هئس، شراب پيئڻ، ماءُ پيءُ کي ستائڻ، نمازون قضا ڪرڻ منهنجو معمول هو، هڪ ڀيري منهنجي ڀاٽيجي مون کي مدني قافلي ۾ سفر جي دعوت ڏني، مان ٽاريندو رهيس پر ان همت نہ هاري ۽ مسلسل دعوت ڏيندو رهيو، نيٺ هڪ ڀيري مان مدني قافلي جو مسافِر بڻجي ئي ويس، مدني قافلي دوران نيڪي جي دعوت، سنتن ڀريا بيان ٻڌڻ جو موقعو مليو، گڏوگڏ ئي شيخِ طريقت، اميرِاهلسنت باني‌ءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه

مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا مختلف رسالا پڙهڻ بہ نصيب ٿيا، بس انهن سيني شين جو مون تي اهڙو اثر ٿيو جو دِل ۾ انقلاب برپا ٿي ويو، مون گُناهن کان سچي پڪي توبہ ڪئي، شراب ڇڏي، نمازون پڙهڻ لڳس ۽ ماءُ پيءُ جو فرمانبردار بڻجي ويس، اَلْحَمْدُ لله! مدني قافلي جي برڪت سان مون ڏاڙهي شريف رکي، مٿي تي عمامي جو تاج سجايو، هاڻي مان هڪ مسجد جو مؤذن آهيان ۽ پنج ئي نمازون باجماعت مسجد ۾ ادا ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو.[1]

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم، چاہئے چشمِ نم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي روزن بابت ڪجھ مدني گل بيان ڪرڻ جي سعادت حاصِل ڪيان ٿو.

## نفلي روزن جي متعلق مدني گل

اي عاشقانِ رسول! ❖ ماءُ پيءُ جيڪڏهن پٽ کي **نفل روزي** کان ان لاءِ منع ڪن جو بيماريءَ جو انديشو آهي تہ ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪري.

❖ **مڙس** جي اجازت کان بغير گهرواري **نفلي روزو** نہ ٿي رکي سگهي.

❖ **نفلي روزو** ڄاڻي واڻي شروع ڪرڻ سان پورو ڪرڻ واجب ٿي ويندو آهي جيڪڏهن ٽوڙيندؤ تہ قضا واجب ٿيندي.

❖ **نفلي** روزو ڄاڻي واڻي نہ ٽوڙيو بلڪ بي اختيار ٽُٽي پيو مثال طور عورت کي روزي جي دؤران حيض اچي ويو تہ روزو ٽُٽي پيو پر قضا واجب آهي.

❖ **نفلي** روزو بنا عذر جي ٽوڙڻ ناجائز آهي. مهمان سان گڏ جيڪڏهن ميزبان نہ

[1]... شرابی مؤذن کیسے بنا؟، صفحہ:15۔

ڪائيندو تہ ان ڪي يعني مهمان کي سُنو نہ لڳندو. يا مهمان جيڪڏهن ڪاڏو نہ کائي تہ ميزبان کي اذيت ٿيندي تہ **نفلي** روزو ٽوڙڻ جي لاءِ هي عذر آهي پر شرط هي آهي تہ يقين هجي جو ان جي قضا رکي سگھندو ۽ هي بہ شرط آهي تہ ضحوهءِ ڪبرىٰ کان پهريان ٽوڙي بعد ۾ نہ. (درمختار، رد المحتار ج3 ص413)

❖ **والدين** جي ناراضگيءَ جي سبب ٽيپهريءَ کان پهريان تائين **نفلي** روزو ٽوڙي سگھي ٿو. ٽيپهريءَ کان بعد نہ.

❖ **جيڪڏهن** ڪنهن اسلامي ڀاءُ دعوت ڪئي تہ ضحوهءِ ڪبرىٰ کان پهريان **نفلي** روزو ٽوڙي سگھي ٿو. پر قضا واجب آهي.

❖ **هن** طرح نِيَّت ڪئي تہ "ڪٿي دعوت ٿي تہ روزو ناهي ۽ نہ ٿي تہ آهي". هيءَ نيّت صحيح ناهي. بهرحال روزيدار ناهي.

❖ **ملازم** يا مزدور جيڪڏهن نفلي روزو رکن ۽ ڪم پورو نہ ٿا ڪري سگھن تہ "سيٺ" (يعني جنهن ملازمت يا مزدوري تي رکيو آهي) جي اجازت ضروري آهي ۽ جيڪڏهن ڪم پورو ڪري سگھن ٿا تہ اجازت جي ضرورت ناهي.

❖ **حضرت** سيّدُنا داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ ڏينهن ڇڏي ڪري هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا. اهڙيءَ طرح روزا رکڻ کي "صومِ داؤدي" چئبو آهي ۽ اسان جي لاءِ هي افضل آهي. جيئن تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: افضل روزو منهنجي ڀاءُ **داؤد** (عَلَيۡهِ السَّلَام) جو روزو آهي جو اهي هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا ۽ هڪ ڏينهن نہ رکندا هئا ۽ دشمن جي مقابلي کان فرار نہ ٿيندا هئا."

❖ **حضرت** سيّدُنا سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام ٽي ڏينهن مهيني جي شروع ۾، ٽي ڏينهن وچ ۾ ۽ ٽي ڏينهن آخر ۾ روزا رکندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح مهيني جي شروعات، وچ ۽ آخر ۾ روزيدار رهندا هئا.

(فيضان رمضان، صفحہ:382تا383)

رمضان المبارڪ جون فضيلتون ۽ روزن بابت تفصيلي اَحڪام ۽ مسئلا ڄاڻڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مايه ناز ڪتاب فيضانِ رمضان پڙهي وٺو! الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد